1. ڊاڪٽر محمد انس راڄپر
2. ڊاڪٽر عنايت الله ڀٽي

# صوفياڻي راڳ بابت مخدوم محمد معين جو مسلڪ

## Makhdoom Mohammad Moin's Cult on Mystical Melody

**Abstract :**

*The purpose of this study is to highlight different shades of opinions and views held by various intellectuals, fiqahs, and Sufis of varying ages or eras regarding music and Mehfl-e-Sama. In this regard, the study focuses on MukhdoomMuhamadMoeenThatvi, the great scholar of his age and his views concerning Sama. The paper aims at highlighting his inclination or leanings towards the order or school of thought he belonged to. It is pertinent to mention here that he was deeply impressed by the way the Shah Abdul Latif Bhittai treated music and Samaa, which is a means of meditating on God through melodies and dancing. Trance or ecstasy is the likely result of Samma, but it never resorts to indecency and sinful activities. Our religion condemns every music that leads to the fulfillment of satanic temptations or carnal desires.Impressed by the views of Shah Abdul Karim and Shah Abdul Latif Bhittai, the views of Mukhdoom Muhammad MoeenThathvi are quite obvious. A great religious scholar of his stature treats music as a rich source of spiritual pleasure and upliftment. He does not find music or samaa sinful or offensive as long as it does not lead people to commit sin. This research paper enlightens the readers about how our saints and religious scholars take the music of their time, showing both negative and positive aspects of music in every age.*

***Key words:*** سماع، غناء، موسيقي، اسلام، مخدوم محمد معين

مخدوم محمد معين ٺٽوي(1093هه ـ1161هه) پنهنجي دور جو تمام وڏو عالم هو. فلسفي، ڪلام، فقهه، حديث ۽ ٻين علمن سان گڏ تصوف ۽ طريقت ۾ پڻ وڏي ادراڪ جو مالڪ هو. مير علي شير قانع سندس باري ۾ لکيو تہ: جامع علوم معقول ۽ منقول، اصولي ۽ فروعي علمن جو

---

1. شعبو تقابل اديان ۽ ثقافت اسلامي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
2. اسسٽنٽ پروفيسر، پاڪستان اسٽڊي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

ماهر، علمي ۽ عملي حقيقتون کولي ڏيکاريندڙ ذهني ۽ فڪري مونجهارن جو شارح، وقت جو علامہ دور جو وڏي مان وارو حقائق رباني ظاهر ڪندڙ هو.(1)

شاهہ ولي الله دهلويءَ کيس وڏن ڪمالن جو مالڪ، پڪن عالمن منجهان مک، وڏن محققن جو بهترين نمونو محققن جو مهندار ۽ گهري نظر رکندڙن جو سائين، الله تعاليٰ جي روشن عطائن سان نوازيل، عارف ۽ سڃاڻ، عقلي مشڪلاتن کي کولي ڏيکاريندڙ ماهر ۽ عامل، ڪمال وارن جو مغز حال ۽ قال کي گڏ ڪندڙن جو پڳدار، الاهي علمن جو مظهر ۽ اڻ کٽ فيض جو سرچشمو سڏيو.(2)

پاڻ وقت جي صاحب ڪشف عارفن لاءِ حجت ۽ سرزمين سنڌ تي الله جي هڪ نشاني هو جيئن سندس هڪ شاگرد "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" تي ڪتابت جي تڪميل کان پوءِ کيس بجا طور: "آيت الله في الارضين، اسرار الاهيہ جو مظهر، انوار قدسيہ جو خزانو ۽ معارف ذوقيہ ۽ ڪشفيہ جو سرچشمو سڏيو آهي".(3)

موصوف فقر ۽ سلوڪ جي راهہ ۾ فنا ۽ بقا، ناز ۽ نياز جو مالڪ ۽ محبت ۽ خرقي وارن (بزرگن طرفان خلافت جي چادر ڍڪڻ وارن) جي سلسلي جي هڪ سونهري ڪڙي هو. پاڻ کي پنهنجي تصنيفات ۾ فخر وچان گودڙي پوشن ۽ درويشن جو پانهو ۽ گودڙي پوشن جي پيرن جي خاڪ سڏيو آهي، دعائون گهريون آهن تہ: الله شل کيس خرقہ جي حلاوت ۽ ميناج چکائي ۽ اهل خرقہ ۽ اهل محبت جي زمري مان بنائي، درويشن جي گودڙي جي ڪرشمن تان قربان ۽ گهور وڃڻ وارو ۽ انهن جي رازن جو پاڻ کي امين سڏيو اٿس. باڏايو اٿس تہ: شل الله کيس پنهنجي وڇايل وقت تي ماتم ڪده ٿيڻ جو رزق عطا ڪري ۽ سندس مئل دل تي زندگيءَ جون هوائون جاري ڪري.

## نقشبندي سلسلي ۾ سندس مخدوم ابوالقاسم سان بيعت:

مخدوم معين نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ (وفات 1138هہ) جو مريد هو.(4) سندس وڏو عقيدتمند هو سندس مريديءَ هيٺ طريقت ۽ سلوڪ جون اعليٰ منزلون طئي ڪيائين ۽ سندس مک اٺاويهين خليفن مان سيني کانوڏو درجو ماڻيائين.(5) پنهنجي مرشد سان عقيدت جي پيش نظر مخدوم موصوف مخدوم ابوالقاسم جي ڪرامتن، خوارق (عادت ۽ معمول کان مٿانهن عملن)، توجهات ۽ برڪات، جيڪي کانئس چوليون هڻندڙ سمنڊ وانگر جاري ٿينديون هيون، تن تي مشتمل ڪتاب تصنيف ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر مخدوم ابوالقاسم کيس ائين ڪرڻ کان منع ڪيو.(6) مرشد سان سندس محبت جو اهو عالم هو جو پاڻ کي سندس درجو ڪتو سڏائيندو هو(7).

## شاهہ عنايت سان عقيدت:

شاهہ عنايت شهيد(1065هہ-1130هہ) جي جڏهن شهرت زور ورتو سندس عام مقبوليت مغل حاڪمن کي بہ ڊيڄاري ڇڏيو تڏهن مخدوم محمد معين بہ سندس مريد ٿيڻ جو ارادو ڪيو ان تي سندس مرشد ابوالقاسم نقشبندي ناراض ٿيو ۽ کانئس لاتعلقي جو اعلان ڪيائين، جنهن ڪري

اچي ڪانئس معافي ورتائين. شاهہ عنايت جي ارادت کان توبهہ تائب ٿيو جنهن بعد مرشد سندس توبهہ قبول ڪئي. سندس زندگيءَ تائين مخدوم موصوف سندس مريد رهيو. (8)

جڏهن مخدوم ابوالقاسم نقشبندي 1138هہ ۾ وفات ڪئي، تہ شاهہ عنايت تہ ان کان اٺ سال پهريائين 1130هہ ۾ شهيد ڪيو ويو هاڻي مخدوم محمد معين وچي شاهہ عبداللطيف جي محبت ۽ دوستي سان منسلڪ ٿيو.

## مخدوم محمد معين جي آزاد مشربي:

نقشبندي سلسلو تصوف ۽ سلوڪ سان گڏ ظاهر شريعت جي پابندين ۾ ٻين کان وڌيڪ سخت رهيو آهي. مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي حياتيءَ تائين مخدوم معين ان سلسلي جي پابندين تي قائم رهيو جڏهن ان وفات ڪئي تہ "مرشد جي تقليد ڇڏي ڏنائين."(9)

مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي، (وفات: 1034هہ) جيڪو نقشبندي سلسلي جو باني هو سو وحدت الشهود جو قائل هو ۽ پهريون ماڻهو هو جنهن ابن عربيءَ جي وحدت الوجود ۽ عينيت جي نظريي جي مقابلي ۾ وحدت الشهود جو نظريو پيش ڪيو. ان جي برخلاف مخدوم معين وحدت الوجود جو مسلڪ اختيار ڪيو. مجدد الف ثانيءَ سان محبت ۽ عقيدت باوجود ابن عربيءَ جو وڏو شارح ٿي رهيو جيڪا ڳالهہ نقشبندي سلسلي جي اڪابرن وٽ قابل قبول نٿي ٿي سگهي، جنهن سبب مخدوم عبداللطيف پٽ مخدوم هاشم ٺٽوي سندس باري ۾ لکيو تہ:

''انتقضت حمية السادات النقشبنديه''(10)

(مخدوم موصوف سادات نقشبنديہ جي حميت ٽوڙي ڇڏي)

## سماع بابت مخدوم محمد معين جو مسلڪ:

مخدوم محمد معين وحدت الوجود جي نظريي سان گڏ سماع جو بہ قائل هو جڏهن تہ سماع بہ نقشبندي سلسلي ۾ جائز نہ سمجهيو ويندو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي(1102هہ - 1165هہ) قادري سلسلي جو بزرگ هو ڀائنجي ٿو تہ مخدوم محمد معين ان جي دوستيءَ هيٺ سماع جو قائل ٿيو جيتوڻيڪ پاڻ وڏو عالم هو اڪابر صوفين جي سماع بابت نظرين ۽ فقيهن جي ان بابت مسلڪ کان پڻ آگاهہ هو تنهن باوجود مخدوم ابراهيم ٺٽويءَ جي بيان مان اهو ٿو معلوم ٿئي، تہ ان جو سبب شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي تقليد هو. مخدوم معين تصوف جي هر اهم موضوع تي پنهنجون تصنيفات يادگار ڇڏيون آهن، پر سماع بابت موصوف ڪابہ خاص تصنيف نہ ڪئي آهي، شاهہ عبداللطيف جي خط جي جواب ۾ موصوف جيڪو رسالو "اُويسيہ" لکيو ان ۾ سماع جي جواز بابت پنهنجو مسلڪ بيان ڪيائين ۽ ان ۾ شاهہ عبدالڪريم (وفات1023هہ) جي سماع بابت مسلڪ کي اختيار ڪندي ان جي حوالي سان سماع بابت پنهنجو موقف سمجهايائين

(11) جيڪا ڳالهہ پڻ ان جو دليل آهي تہ سماع ۾ سندس مسلڪ شاهہ عبداللطيف جي تصوف جي قادري سلسلي ۾ شاهہ عبدالڪريم وارو آهي.

ان ڳالهہ جي تائيد لطف اللطيف ۾ سانگيءَ جي روايت مان بہ ٿئي ٿي. سانگيءَ هيءَ روايت لطف اللطيف ۾ هن طرح لکي آهي:

”چون ٿا تہ وڏا نامور ۽ مشهور عالم گڏجي حضرت اولياءَ (شاهہ) صاحب وٽ آيا. جن جو مک اڳواڻ: محمد هاشم ٺٽوي هو. جنهن جو لقب مخدوم آهي. سندن چوڻ جو مقصد اهو هو تہ حضرت جن پنهنجي مجلس ۾ راڳ جو رواج وڌو هو. تنهن کان کيس منع ڪن. تہ اهو شرع محمديءَ جي برخلاف آهي. جڏنهن عابدن ۽ زاهدن جي اچڻ جو آواز سندن ڪنن تي پيو تہ حڪم فرمايائون. تہ تنبورا ڪٽي گهر ۾ رکي ڇڏيو. ۽ پاڻ مثل چوڏهينءَ جي چنڊ جيان ستارن مثل فقيرن جي وچ ۾ ويهي رهيو. معترض نيٺ پهتا ۽ قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيائون. حضرت جن مهمانن سان سهڻو سلوڪ ڪيو. شاهہ صاحب اڳرائي ڪري کائن پڇيو: جنهن وڻ مان عام نفعو هجي، سو پاڻي نہ ملڻ جي ڪري سڪي وڃڻ وارو هجي ۽ ناپاڪ ۽ گندي پاڻيءَ جو چشمو موجود هجي. تہ ان پاڻيءَ مان وڻ کي پاڻي ڏجي يا ان کي نہ ڏجي؟ تہ اهڙي جاءِ تي وڃي پهچي جو سڪي وڃي؟ عابدن ۽ زاهدن هڪ زبان ٿي چئي ڏنو تہ: ان ۾ ڪابہ خرابي ڪانهي تہ ان پليت پاڻيءَ مان وڻ کي پاڻي ڏجي.“ مسئلو جڏنهن حل ٿيو تہ گهر ۾ داخل تنبورن بنا ڪنهن وڄائڻ واري جي پاڻ مرادو وڄڻ شروع ڪيو. ائين ٿي پانيو تہ جهڙو ڪو ڪين وڄائي رهيو آهي.

ان تي اهل مذهب ناراض ٿي پيا. تہ هيءَ چاتي رهيو آهي. جو شريعت جي خلاف ٿي رهيو آهي. اسان خاص ان جي منع ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون ۽ هوڏانهن گهر ۾ فقيرن ڳائڻ شروع ڪري ڏنو آهي. حضرت جن ڪين موڪل ڏني تہ وڃو اندر جيڪو هجي ان کي گرفتار ڪيو. ۽ کيس ديني سزا ڏيو. سيئي تڪڙا اندر ويا ڏٺائون تہ در جو صرف هڪ ئي دروازو آهي. جنهن مان پاڻ داخل ٿيا آهن. باقي چارئي پاسا بند آهن. ڪو بہ وڄائڻ وارو ڪونهي. تنبورن پاڻ مرادو وڄڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ان تي ڏاڍو حيران ٿيا. حضرت اولياءَ کان ان جو سبب پڇيائون. حضرت جن فرمايو تہ: جڏهن اوهان کان مسئلو پڇيم. تہ جائز آهي. تہ احڪم الحاڪمين جي حڪم سان تنبورا پاڻ وڄڻ شروع ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ منهنجي دل حقيقي محبت جو وڻ آهي. جيڪو راڳ جي آواز تي ڌاپي ٿو. انهن عالمن ۾ مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو بہ هو. سو ان ڏينهن حضرت اولياءَ جو حد درجي جو معتقد ٿيو. ۽ ساڻس ان حد جي محبت ۽ مودت حاصل ڪيائين جو اڪثر وقتن تي سندس ملاقات لاءِ ٺٽي ويندا رهندا هئا“. (12)

## ٻن هندستاني نوجوان ڳائڻن جو قصو:

مير عبدالحسن سانگي لطائف لطيفيءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ غلام شاهہ ڪلهوڙي هندستان مان بہ ڇوڪرا، جيڪي علم موسيقيءَ تي ڪامل دسترس رکندڙ هئا. اهو سوچي تہ:

اولياءَ صاحب (شاهہ لطيف) راڳ جو شوقين آهي. انهن کي سنڌ گهرايائين ۽ شاهہ لطيف جي حوالي ڪيائين. چوڪرن بابت سانگيءَ اهو بہ لکيو آهي تہ: شاهہ جي رسالي کي انهن ڇوڪرن مختلف سُرن ۾ ورهايو "شاهہ صاحب هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين تي هڻندو هو. ان جي وزن تي ٻئي ڳائڻا (ڇوڪرا) طنبورو وڄائيندا هئا."(13)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ مضمون ۾ انهن ٻن هندستاني نوجوان ڳائڻن جا نالا بہ ذڪر ڪيا آهن. لکيو اٿس: "اٽل ۽ چنچل نالي بہ گويا دهليءَ مان هٿ آيا، جن کي غلام شاهہ ڪلهوڙي حضرت شاهہ صاحب ڏانهن موڪليو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان روايت کي شڪي روايت سڏيو آهي. بهرحال انهن ٻن گوين جا نالا اٽل ۽ چنچل هئا". (14)

مخدوم ابراهيم نقشبنديءَ ٺٽويءَ القسطاس المستقيم ۾ انهن ٻنهي گوين جي مخدوم معين وٽ اجرت تي ڳائڻ جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو: (مخدوم موصوف) وٽ ان زماني ۾ ڳائڻ ۽ سازن وڄائڻ ۾ مشهور بہ قوال هڪ آنچل ٻيو چنچل اجرت تي رکيل هئا ۽ هڪ ڳائڻي نالي دوري نڪاح شرعيءَ تحت (وٽس رهندي هئي.) قوال ساز وڄائي مردن جي مجلس ۾ ڳائيندا هئا. جڏهن تہ ڳائڻي وٽس لهو (آواره) جي طريقي تي ڳائيندي هئي، جڏهن هو عورتن ۾ هوندو هو."(15)

بلوچ صاحب هڪ نالو "اٽل" ذڪر ڪيو آهي جڏهن تہ مخدوم ابراهيم آنچل لکيو آهي. سانگيءَ ۽ مخدوم ابراهيم ٻئي ٻڌائيءَ ۽ مخدوم معين جي دور کان گهڻو پوءِ جا آهن. بلوچ صاحب مطابق سانگيءَ جي ڪمزور روايت بہ ٻڌ سڌ تي ٻڌل آهي. لڳي ٿو تہ مخدوم ابراهيم جي ڪنن تي بہ اهڙي روايت ٻڌ سڌ ۽ افواهہ جي طور تي پئي هوندي. ڪيئن بہ هجي هن بيان ۾ بہ ڳالهيون اهم آهن. هڪ بہ نوجوان، جيڪي اجرت تي رکيل هئا، مردن جي مجلس ۾ ڳائيندا هئا، ٻي هيءَ تہ هڪ ڳائڻي عورتن جي مجلس ۾ ڳائيندي هئي، جنهن سان مخدوم موصوف شرعي نڪاح ڪيو هو. هي بہ ڳالهيون شرعي طرح ڪيئن آهن؟ هيٺ فقيهن ۽ صوفين جي مسلڪ مطابق سماع تي بحث مان انهن ڳالهين جي شرعي حيثيت واضح ٿيندي، ۽ اهو بہ واضح ٿيندو تہ ڇا مخدوم محمد معين جو سماع لهو ۽ لعب جي طور هو يا صوفين جي مسلڪ مطابق حال ۽ وجد جي ڪيفيتن جي حصول لاءِ خالص عشق خداونديءَ جو ذوق ۽ شوق وڌائڻ لاءِ هو؟

"سماع" عربي لفظ آهي، جيڪو "سمع" مان ورتل آهي، ان جو مادو: س م ع آهي. معنا اٿس: آواز ٻڌڻ(16) اتاهون اهو لفظ راڳ ٻڌڻ جي معنيٰ ۾ مشهور ٿيو ۽ پوءِ رقص، سرود ۽ ناچ تي بہ اهو لفظ ڳالهائجڻ ۾ آيو. فيروز اللغات اردوءَ ۾ ان جي معنيٰ لکيل آهي: ٻڌڻ، راڳ يا گانو ٻڌڻ، رقص ۽ سرود، ناچ گانو."(17) پروفيسر غلام حسين جلباڻي، عربي-سنڌي لغت ۾ سماع جي معنيٰ لکي آهي: "راڳ، منو آلاپ". (18) اهو لفظ سَماعَ سنڌيءَ ۾ ڦري سَمَهہ ٿيو ملتان ۾ غوث بهاء الدين جا مريد هنڌ هنڌ تي ٽولين جي صورت ۾ سمهہ جون محفلون رچائيندا آهن.

سماع ۽ سمهہ ڪي راڳ جي اصطلاح طور صوفين بزرگن وٽ شهرت ملي. عربيءَ ۾ ان لاءِ ٻيو جيڪو لفظ استعمال ٿيندو آهي، اهو آهي "غناءُ" حديث نبويءَ ۾ بہ "غناء" جو لفظ استعمال ٿيو آهي. قاموس الفقهہ ۾ ان جي معنيٰ لکيل آهي:

"غناءَ جي معنيٰ آهي: ڳالهائڻ يعني ترنم ۽ مٺي آواز سان شعر پڙهڻ"(19)

سماع ۽ غناء ڪانسواءِ راڳ لاءِ هڪ ٻيو لفظ موسيقي استعمال ٿيندو آهي، جيڪو سازن تي ڳائڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. موسيقار هڪ خيالي پکيءَ جو نالو آهي، جنهن جي باري ۾ چوندا آهن تہ ان جي چنهب ۾ گهڻا سوراخ هوندا آهن. جن مان قسمين قسمين راڳڻيون ۽ چٽنگون نڪرنديون آهن. ققنس بہ ان کي چئبو آهي. ان مان موسيقي لفظ نڪتو آهي، جيڪو هاڻي راڳ جي علم ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي علم لاءِ استعمال ٿيندو آهي. (20)

## غناء يا سماع ۽ موسيقي شرعي لحاظ کان:

جيڪڏهن صالح شعر هجن ۽ انهن سان ڍهول باجا نہ هجن. تہ ان طرح شعر ڳائڻ جائز آهن. خاص طور خوشي جي موقعن تي اهڙن شعرن پڙهڻ ۾ ڪو بہ حرج ڪونهي. اڪثر فقيهن جي اها ئي راءِ آهي. حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: "مون وٽ بہ ڇوڪريون ڳائي رهيون هيون. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ آيو تہ حضرت عائشہ تي ناراض ٿيو پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو انهن کي ڇڏيو هي عيد جا ڏينهن آهن". (21) حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ کان مروي آهي تہ ڳائڻ سواري ڪرڻ واري جو سرمايو آهي. (الغناءُ زاد الراکب)

ڪي فقهاءَ مطلق راڳ ٻڌڻ مڪروه قرار ڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ حضرت عبدالله بن مسعود کان مروي آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: "الغناءُ ينبت النفاق في القلب ڪماينبت الماء الزرع" راڳ دل ۾ نفاق کي پيدا ڪندو آهي، جيئن پاڻي پوک ڦٽائيندو آهي.

انهن روايتن کي سامهون رکي اندازو ٿئي ٿو تہ صحيح اهو آهي تہ جيڪڏهن ڳائڻ ۾ ساز شامل نہ هجن، شعر فحش ۽ هجو نہ هجن ۽ انهن ۾ اهڙو غلو نہ هجي، جو ماڻهو پنهنجي ذميدارين کان غافل ٿي وڃي، جنهن کي لهو چوندا آهن. تہ جائز آهي. جيڪو راڳ ان معيار تي پورو نہ ايندو هجي اهو انهن حديثن جي مصداق آهي. جن ۾ ان کان منع آيل آهي. (22)

بهرحال فقيهن وٽ سازن کان بنا ڳائڻ جائز آهي، سازن سان ڳائڻ ناجائز آهي.

## نڪاح جي خوشيءَ ۾ ڳائڻ:

مٿئين حوالي ۾ حضرت عائشہ رضي الله عنها جي روايت ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ جي ڇوڪرين جي ڳائڻ تي ناراض ٿيڻ تي نبي ﷺ جن جو اهو چوڻ تہ: "انهن کي ڇڏيو هي عيد جا ڏينهن آهن" اهو واضح ٿا ڪن تہ خوشيءَ جي موقعي تي ڇوڪرين يا عورتن جو گهرن ۾ بنا ساز جي ڳائڻ جائز آهي. نڪاح بہ عيد وانگر خوشيءَ جو موقعو آهي. مخدوم محمد جعفر

بوبڪائيءَ المتانة في المرمة عن الخزانة ۾ لکيو آهي ته: ”قدورد بالتغني بعد النڪاح الحديث في صحيح البخاري وغيره. نڪاح کان پوءِ راڳ ڳائڻ جي باري ۾ صحيح بخاري وغيره ۾ حديث آيل آهي“. (23) اهڙي حديث ڪتاب النڪاح ۾ صرف خالد بن ذڪوان واري آهي، جيڪا ان حضرت ربيع بنت معوذ بن غفراءَ رضي الله عنهما کان روايت ڪئي آهي، ته جڏهن منهنجي رخصتي ٿي ته نبي ڪريم ﷺ مون وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ ائين منهنجي بستري تي اچي ويٺا جيئن اوهان ويٺا آهيو تڏهن اسان جون هي ڇوڪريون دف وڄائي رهيون هيون ۽ يوم بدر ۾ جيڪي اسان جا جوان شهيد ٿيا، انهن جي ساراهه ڪري رهيون هيون. جڏهن انهن مان هڪ چيو: ”اسان ۾ نبي آهي، جيڪو سڀاڻي جون ڳالهيون ڄاڻي ٿو.“ ته پاڻ چيائون: اهو ڇڏيو اهو چئو جيڪو اوهان پهرين ٿي چيو. (24)

## دف تي ڳائڻ:

هيءَ روايت امام بخاري ”باب: نڪاح ۽ وليمي ۾ دف وڄائڻ“ جي عنوان هيٺ بيان ڪئي آهي، جنهن مان نڪاح جي خوشي جي موقعي يا وليمي جي موقعي تي امام بخاري دف وڄائڻ جي جائز هئڻ جو دليل ورتو آهي، شايد مخدوم محمد جعفر ان مان نڪاح کان پوءِ راڳ ڳائڻ جي جواز جو دليل ورتو آهي. ڇاڪاڻ ته روايت ۾ ڇوڪرين جي دف تي ڳائڻ جو ذڪر واضح آهي. محدثن ۽ فقيهن جيتوڻيڪ بنا سازن جي ڳائڻ کي جائز سڏيو آهي پر، هن روايت ۾ دف تي ڳائڻ جي جواز جو دليل موجود آهي، نڪاح وقت دف وڄائڻ بابت مخدوم جعفر لکيو آهي ته:

”غياثيه ۾ آهي ته ”نڪاح ۾ دف وڄائڻ اعلان ۽ تشهير ڪرڻ لاءِ سنت آهي ۽ ان ۾ آهي، ته واجب آهي ته طبلن ۽ گهنٽين کان بنا هجي.“ بيهقيءَ حضرت عائشه کان روايت ڪئي آهي ته: ”هن نڪاح جو اعلان ڪيو ۽ اهو مسجد ۾ ڪيو ۽ ان تي دف وڄايو.“

مخدوم جعفر ان روايت کان پوءِ لکيو آهي ته: ”مضمرات ۾ آهي ته خوشيءَ ۽ شاديءَ جي موقعي تي ۽ راند مهل دف وڄائڻ ۾ ڪو ڀؤ ڪونهي. جيتوڻيڪ ان ۾ ”لهو“ آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ نڪاح جو اظهار آهي ۽ شارع به ان جو حڪم ڪيو آهي. راڳ ڳائڻ به ان طرح آهي“(25) هنن حوالن مان ثابت ٿيو ته نڪاح وقت دف وڄائڻ ۽ عورتن يا ٻين جو راڳ ڳائڻ جائز آهي پر ان لاءِ واجب آهي ته دف کان سواءِ ٻيا ساز نه هجن.

مخدوم محمد معين به شايد ان سبب جي ڪري وليمي جي دعوت ايستائين قبول نه ڪندو هو جيستائين ڪيس دعوت ۾ ڳائڻ جي انتظام جي پڪ نه ڏني ويندي هئي. (26)

۽ شايد ان ئي جواز تحت نڪاح ورتل ڳائڻي جو راڳ ٻڌندو هو جيڪا عورتن جي مجلس ۾ ڳائيندي هئي. جيئن مٿي گذريو.

## سماع بابت صوفين جو مسلڪ:

صوفين سڳورن راڳ کي جائز ۽ مباح قرار ڏنو آهي، سندن ان موقف جو بنياد حضرت عائشہ جي گهر ۾ عيد جي موقعي تي ڇوڪرين جي ڳائڻ واري روايت ۽ نڪاح ۽ شاديءَ جي موقعي تي ربيع بنت معوذ واري روايت آهي. جن مان عيدن ۽ شاديءَ جي موقعن تي ڳائڻ جو جواز ثابت ٿئي ٿو. شيخ ابو نصر سراج لکيو آهي تہ: "سماع جي جواز جون ڪئي روايتون آهن، جن جا رواي عبدالله بن جعفر، عبدالله بن عمر ۽ ٻيا صحابي ۽ تابعين ڪرام آهن." (27)

ابوالقاسم قشيريءَ عبدالله بن عمر ۽ عبدالله بن جعفر سان گڏ حضرت عمر ۽ حضرت جابر کي بہ انهن ۾ شامل ڪيو آهي جن کان سماع جي جواز ۾ روايتون آهن. (28)

مٿي اسان جيڪي فقيهن جي مسلڪ ۾ روايتون نقل ڪري چڪا آهيون اهي ساڳيون روايتون ۽ ڪجھ ٻيون ڪتاب اللمع ۾ ابو نصر، ڪشف المحجوب ۾ علي هجويريءَ، رسالہ قشيريہ ۾ ابوالقاسم قشيريءَ ۽ احياءُ علوم الدين ۾ غزاليءَ پڻ آنديون آهن. البتہ امام ابوالقاسم قشيريءَ حضرت جابر جي روايت ابن ماجہ جي حوالي سان نقل ڪئي آهي، تہ حضرت عائشہ فرمايو تہ مون پنهنجي ڪنهن رشتيدار ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن انصاريءَ سان ڪئي، جڏهن نبي ﷺ جن تشريف فرما ٿيا تہ فرمايائون: ڇا ڪنهن ڳائڻ واريءَ کي بہ سڏايو اٿو؟ مون عرض ڪيو تہ نہ. پاڻ فرمايائون: انصارن جو دستور آهي، تہ اهي بلند آواز سان ڪنوار جون خوبيون بيان ڪندا آهن، تون ڪنهن کي سڏين ها، جيڪا ايترو ئي چئا ها: ''اتيناکم اتيناکم فحيانا نحييکم ''(29)

شيخ ابو نصر سراج لکيو آهي تہ: ڪن عالمن ۽ فقيهن بہ سماع جي اجازت ڏني آهي ۽ ان کي جائز سڏيو آهي، جهڙوڪ: مالڪ بن انس وغيره. سندس چوڻ آهي تہ مالڪ بن انس ۽ اهل مدينہ جي باري ۾ هي واضح آهي تہ اهي سماع کي ناپسند نہ ڪندا هئا.

۽ لکيو اٿس تہ امام شافعي بہ سماع ۽ ترنم سان شعر پڙهڻ کي جائز قرار ڏنو آهي. بشرطيڪ آداب ۽ سماع جي شرطن جي پابندي ڪئي وڃي. ابن جريح سماع کي جائز سمجهندو هو. ڪانئس پڇيو ويو تہ: اوهان جو سماع اوهان جي نيڪين ۾ شمار ٿيندو يا برائين ۾؟ چيائين: نہ برائين ۾ نہ نيڪين ۾. سماع لغو سان مشابھ آهي ۽ لغو لاءِ الله فرمايو آهي: "لايؤاخذكم الله باللغو في ايمانكم" (30)

ان جي برعڪس امام ابوالقاسم قشيري امام شافعيءَ لاءِ لکيو آهي تہ: ان سماع کي مڪروه قرار ڏنو آهي. ان کي محرمات ۾ شمار نہ ڪيو آهي. (31)

## موسيقي جو سماع:

موسيقي سازن تي ڳايل راڳ کي چئبو آهي، جيئن مٿي ذڪر ٿيو هن قسم جو راڳ جنهن تي موسيقيءَ جو لفظ استعمال ڪجي، جنهن ۾ هر قسم جا ساز سروز هجن، ڪنهن بہ صورت ۾ نہ فقيهن وٽ جائز آهي نہ صوفين وٽ. شيخ علي هجويريءَ ڪشف المحجوب ۾ لکيو آهي تہ:

"موجوده زماني ۾ انهن جي صنعت(موسيقيءَ) جا آثار مزامير آهن. جيڪي انهن ايجاد ڪيا آهن. انهن ذريعي نفساني خواهش، لهو ۽ لعب، کيڏ ۽ تماشي جي زينت لاءِ انهن شيطان سان اتفاق ڪيو آهي".(32)

شيخ ابو نصر سراج سماع جي شرطن بيان ڪندي لکيو آهي ته:

"رسول الله ﷺ جن سازن: مثال ڪمان جي تارن، بانسري، طبلي، ڏگڏگي ۽ بين ڳائڻ وڄائڻ جي سازن سان ٻڌڻ کان منع فرمائي آهي. انهن کان پري رهڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته انهن سان سماع اهل باطل جو سماع آهي. جن کي صحيح حديثن مطابق منع قرار ڏنو ويو آهي". (33)

هنن حوالن ۽ بحث مان ثابت ٿيو ته نفس جي خواهش تحت لهو ۽ لعب طور ۽ سازن تي ڳايل راڳ صوفين ۽ فقيهن وٽ ناجائز آهي.

## شاهه لطيف جو راڳ ۽ تنبورو:

هن سڄي بحث مان ثابت ٿيو ته صوفين ۽ فقيهن وٽ راڳ ۽ سماع اهو جائز آهي جنهن ۾ ساز نه هجي ۽ نفساني خواهشات ۽ لهو و لعب نه هجي. شاهه لطيف جو سماع جو طريقو جيڪو مخدوم معين اختيار ڪيو سو جيتوڻيڪ نفساني خواهشات ۽ لهو ۽ لعب کان پاڪ آهي، پر تنبورو جيڪو ساز جو هڪ قسم آهي، ان تي ڳايل راڳ جو حڪم ڇا ٿيندو؟ تنهن جي جواز لاءِ"اسلام ۽ موسيقي" جي مصنف شاهه محمد جعفر قلواريءَ جيڪو لکيو آهي، اهو تمام اهم آهي. پر هن موقف کي علماء وٽ قبوليت حاصل نه ٿي سگهي آهي.

## سازن ۽ مزاميرتي ڳائڻ:

حضرت دائود عليہ السلام جي مٿان نازل ٿيل ڪتاب جو نالو زبور آهي. و آتينا دائود زبورا (4: 163) زبور کي مزامير داؤد به چوندا آهن. مزامير مزمور جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ گيت آهي. ۽ مزمار جو پڻ جمع آهي، جنهن جي معنيٰ بينسري آهي. مزامير جمع جي صورت ۾ گيت کي به چوندا آهن ۽ ساز کي به.(34)

اسلام اور موسيقي جي مصنف علامہ بدرالدين عيسيٰ ابن حجر عسقلانيءَ جي حوالي سان هڪ روايت آندي آهي:

عن عبيد بن عمير قال كان لداؤد عليہ السلام معزفة يتغني عليها ويبكي ويُبكي (عبيد بن عمير کان روايت آهي ته داؤد عليہ السلام وٽ هڪ با جو هو جنهن تي ڳائيندو هو ۽ روئندو ۽ روئاريندو هو.) هڪ روايت امام شوڪانيءَ جي رسالي سماع جي حوالي سان نقل ڪئي اٿس:

"واخرج عبدالرزاق بسند صحيح عن ابن عمر: ان داؤد ياخذالمعزفة فيضرب بها ويقرء عليها (حضرت داؤد باجو وڄائي زبور جي تلاوت ڪندو هو)". (35)

"اسلام ۽ موسيقي" جي مصنف دف واريون روايتون به ساز جي جواز ۾ پيش ڪيون آهن ۽ احياءَعلوم الدين جي شرح مصنف سيد مرتضيٰ زبيديءَ مان عبدالله بن جعفر بن ابي طالب بابت نقل ڪيو

اٿس تہ "اهو پربت تي راڳ ٻڌندو هو".(36) ان طرح هن مصنف سازن تي سماع جي جواز جي فتويٰ ڏني آهي ۽ دعوا ڪئي آهي تہ سماع جي جواز جون روايتون سند جي لحاظ کان صحيح ۽ ان جي ناجائز هئڻ بابت روايتون ضعيف ۽ موضوع آهن. ان کان علاوه هن صاحب صحابہ تابعين، تبع تابعين، فقيهن ۽ محدثن ۽ صوفين جي وڏي فهرست ڏني آهي، جيڪي سازن تي سماع جا قائل هئا ۽ سماع ڪندا بہ هئا.

## سماع بابت صوفين وٽ بہ حڪم:

حضرت تہ علي هجويري رحمة الله عليہ فرمائن ٿا تہ:

"سمجهي ڇڏيو تہ سماع متعلق طبيعتن جي اختلاف سان گڏ مختلف حڪم آهن.... سماع جا بہ نتيجا آهن: طبيعت ۾ حق هوندو تہ حق جوش ۾ ايندو باطل هوندو تہ باطل جوش ۾ ايندو. جنهن جي طبيعت ۾ فساد هوندو تہ اهو جڏهن سماع ڪندو تہ فساد پيدا ڪندو." (37)

اڳتي پاڻ حضرت ذوالنون مصريءَ جو قول نقل ڪن ٿا، تہ سندن قول آهي تہ "جيڪو سماع حق کان وارد ٿيندو آهي، اهو دلين کي حق ڏانهن مائل ڪندو آهي، جيڪو ان جي ذريعي حق ڏانهن راهہ ماڻيندو آهي، سو حق تي آهي، جيڪو نفس ڏانهن راهہ لهندو آهي، سو زنديق آهي." (38)

## سماع ڪرڻ وارو زنديق ۽ ڪافر:

مٿين حوالن مطابق جيڪڏهن ڪنهن شخص جي طبيعت ۾ فساد آهي، هو نفس جي خواهش تحت سماع ٿو ڪري، سندس مقصد هوس ۽ شهوت پرستي آهي، تہ ان جو سماع زنديقيت ۽ ڪفر آهي. شبلي رح جو فرمان آهي: "راڳ ذريعي جيڪو شخص فتني جو طالب آهي، اهو نيٺ مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو." (39) امام غزاليءَ جو فرمان آهي: "جيڪو راڳ نفس جي خواهش کان ٻڌندو اهو زنديق ۽ ڪافر آهي." (40)

مخدوم محمد معين ٺٽوي بہ اهائي ڳالهہ سمجهائيندي لکيو آهي: "(حال جو تغير، پاڻ ۾ ڪشادگي ۽ گريو ڪڏهن ڪڏهن) نفس جي راهہ کان لڪي ڇپي ائين ايندو آهي، جو اهل الهام جا شير بہ ان جي ادراڪ کان عاجز ٿي پوندا آهن ۽ رقص ۽ وجد، جيڪو حرڪات جي مناسب قوت سان موزون نغمو ٻڌڻ وقت نفس ۾ پيدا ٿيندو آهي، سو ظاهر ٿيندو آهي ۽ هي ويچارو انهيءَ گريبي ۾ آهہ ۽ گريبان جي حالت ۾ مٿي ۽ بدن ۾ مٿي وجهي وجد ۽ رقص جي حالت ۾ شيطان جي مٺ ۾ اچي ويندو آهي. جن ۾ ظاهر ۾ اهو حال پيدا ٿئي ۽ خودبخود بنا شبهي جي خشڪ ۽ خالي سماع ڪن ۽ علماءَ ۽ اولياءَ جا مخالف ٿين اهو باتفاق علماءِ ۽ اولياء حرام آهي".(41)

ساڳي ڳالهہ شيخ ابو نصر سراج هنن لفظن ۾ لکي آهي تہ: "جيڪڏهن ڪو مبتدي آهي، سماع جي شرطن ۽ آدابن کان بي خبر آهي، تہ ان کي شيوخ ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي، ان باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن لهو ۽ لعب جو شڪار ٿي شيطان جي دوکي ۾ اچي صرف نفس جي لذت ۾ ئي گرفتار ٿي رهجي نہ وڃي". (42)

## عوام لاءِ سماع جائز آهي:

سماع جيڪڏهن نفس جي خواهش نہ هجي ۽ سازن سروزن سان نہ هجي، بري ۽ فاسد مقصد لاءِ نہ هجي تہ جائز آهي. شيخ ابو نصر سراج لکيو آهي تہ:

”جيڪو شخص سماع کي پاڪيزه طريقي سهڻي آواز سان جائز طور لذت وٺڻ لاءِ ائين ٻڌي جو ان مان ان جو مقصد برائي، اختلاف، لهو ۽ لعب ۽ ترڪ حدود نہ هجي تہ سماع ڪنهن بہ طرح ناجائز نہ آهي.“(43)

”هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ“ سماع هن شرط تي جائز آهي تہ فاسد مقصد پيش نظر نہ هجن.“

شيخ ابو نصر سراج جي هن جواز جي موقف جو موصوف جيڪو عنوان ٻڌو آهي اهو آهي ”عوام لاءِ سماع جو جواز“ جنهن مان سندن مقصد آهي تہ هي جواز عوام لاءِ آهي، خواص لاءِ ناهي. ڇا صوفيءَ کي جواز تي عمل ڪرڻ گهرجي؟. شيخ علي حجويريءَ ڪشف المحجوب ۾ لکيو آهي تہ:

شيخ عبدالرحمان سلمي انهن سڀني روايتن کي پنهنجي ڪتاب السماع ۾ جمع ڪيو آهي. ۽ ان (سماع) جي اباحت جو فيصلو ڪيو آهي، پر مشائخ صوفياءَ ان کي مباح ڇوڙڻ عوام جو ڪم ٻڌايو آهي، ان ڪري مشائخن جي عملن ۾ اهو ئي ڪم رائج آهي.جنهن مان ثواب ۽ فائدو حاصل ٿئي. مباح ڪمن ۾ پوڻ عوام جو ڪم آهي يا جانورن جو.بالغ ماڻهن کي گهرجي تہ اهڙو ڪم ڪن جن مان فائدو حاصل ٿئي.

مقصد تہ جائز هئڻ جي گنجائش جو فائدو وٺي عوام ڀلي سماع ڪري، پر خواص کي مباح ۽ جائز کان مٿي سوچڻ گهرجي ۽ انهن کي پنهنجي رتبي مطابق بامقصد عمل اختيار ڪرڻ گهرجن، جن مان ڪو بهتر نتيجو نڪري، ڪو فائدو ۽ ثواب حاصل ٿئي يا عرفان ۽ سير الي الله ۾ ترقي حاصل ٿئي. امام ابوالقاسم قشيريءَ ابو عثمان حيريءَ بندار بن حسين کان سماع جا ٽي قسم نقل ڪيا آهن.

### پهريون قسم:

هي مريدن ۽ مبتدين جو سماع آهي، جيڪو طبيعت جي گهر تحت ٻڌو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انساني طبيعت سٺو آواز ٻڌڻ پسند ڪندي آهي. هي مباح سماع جو درجو آهي، جيڪو عام ماڻهن لاءِ آهي، جيتوڻيڪ هي سماع بہ حال ۽ وجد جي حصول لاءِ هوندو آهي، پر ان ۾ فتني ۽ رياءَ ڪاريءَ جو خطرو هوندو آهي.

### ٻيو قسم:

صادقين جي سماع جو آهي. هي سماع جي ذريعي پنهنجي حال ۽ وجد ۾ اضافو ڪرڻ گهرندا آهن. هي احوال ۽ ڪيفيتن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻڌندا آهن ۽ وارد ٿيندڙ ڪيفيتن ۾ غور فڪر ڪندا آهن. امام غزاليءَ ستن جاين تي راڳ جائز قرار ڏنو آهي. ستين جڳهہ جيڪا ان بيان ڪئي

آهي، اها صادقين جو سماع آهي. سندس لفظ آهن: "انهن شخصن جو راڳ جيڪي الله تعاليٰ جا عاشق آهن. ۽ ان جي ديدار جا مشتاق آهن. اهڙن ماڻهن جو راڳ سندن عشق ۽ شوق کي وڌائي ٿو ۽ سندن محبت کي پختو ڪري ٿو. انهن جي دلين مان اهي اسرار ۽ لطيفا ظاهر ڪري ٿو جيڪي خراب حالتن جي حد ۽ احاطي کان ٻاهر آهن".(44)

هي اهو ئي سماع آهي جنهن جي لاءِ مخدوم محمد معين لکيو آهي ته "ميران سيد عبدالڪريم هن باب ۾ تمام گهڻو مبالغو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته سندن مريد ظاهر شريعت جا پابند آهن. سماع جي جائز هئڻ لاءِ اوليائن جي شرطن کي پهتل آهن"(45)

هي سماع جو قسم اوليائن جي شرطن حال ۽ وجد حاصل ڪرڻ ۽ ان ۾ غور و فڪر ڪرڻ جي مقصدن جي حصول لاءِ آهي. مخدوم معين هن درجي جي سماع جو قائل آهي. جڏهن ته پهرئين قسم ۾ فتني ۽ رياڪاريءَ جو خطرو آهي.

## ٽيون قسم: اهل استقامت عارفن جو سماع:

"هي الله ڪارڻ ٻڌندا آهن. بنا واسطي الله جي معيت ۾ الله لاءِ ٻڌندا آهن. هنن جي سماع ۾ بشري لذت کي ڪو به دخل نه هوندو آهي. سماع جي ڪري انهن جي دلين ۾ پيدا ٿيندڙ حرڪتن ۽ سڪون کان وڌيڪ هو ذات حق جي ديدار کي ترجيح ڏيندا آهن". (46)

سماع جي هنن قسمن ۾ پهريون قسم عام ماڻهن جي سماع جو آهي. اهو صوفيءَ جو مقصد ڪونهي سماع جو ٻيو ۽ ٽيو قسم صادقين ۽ اهل استقامت عارفن جو سماع آهي. اهو ئي اصل ۾ صوفيءَ جو اصل مقصد هوندو آهي. هن قسم جي سماع ۾ بشري لذت يا نفس جي خواهش کي ڪو به دخل نه هوندو آهي. ڪٿي جو هي سماع به جائز آهي، پر صوفيءَ جي منزل ۽ مقام کان هيٺ جي شيءِ آهي. ابو نصر لکيو آهي ته:

"طالب لاءِ ايستائين سماع جائز ناهي، جيستائين اهو اسماء صفات الاهيه کان باخبر نه هجي، ته جيئن اهو اهڙي صورت ۾ الله لاءِ اهڙي ڳالهه منسوب ڪري جيڪا بارگاهه خداونديءَ جي شايان شان هجي. ان جي دل دنيا جي محبت يا تعريف پسنديءَ سان ملوث نه هجي. ان جي دل ۾ نه ماڻهن منجهان ڪا طمع هجي نه مخلوقات ڏانهن جهڪاءُ ۽ اهو دل جي سنڀال ڪندڙ هجي. پنهنجي حدن جي حفاظت ڪندڙ هجي ۽ پنهنجي وقت جو محافظ هجي. مذڪوره شرط سامهون رکي سماع اختيار ڪري ته بي شبهه ان جو اهو سماع جو طريقو توبهه ڪندڙ سير الي الله ڪندڙن ۽ الله جو خوف رکندڙ صوفين سڳورن جي سماع جي طريقي ۾ داخل هوندو ۽ ان طرح جيڪو هو ٻڌندو اهو کيس مجاهدي ۽ معاملي تي اياريندو. البته ان کي گهرجي ته بتڪلف سماع اختيار نه ڪري، نه ئي لذت وٺڻ لاءِ سماع ڪري، ڪٿي اهڙي عادت کيس عبادت ۽ حفاظت قلب کان غافل نه ڪري ڇڏي"(47)

## حال ۽ وجد:

راڳ جي ذريعي الله جي ديدار،ان سان عشق ۽ محبت جو جيڪو جذبو اڀري، شوق جاڳي ۽ محبت کي مهميز ڏئي دلين جا اسرار ۽ لطيفا ظاهر ڪري، صوفي ان کي وجد سڏيندا آهن. لغت ۾ وجد: بي خوديءَ جي حالت، بي انتها خوشي ۽ اها حالت، جيڪا ڪن کي سماع جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي. (48) وجد ڪرڻ، بي خود ٿي جهومڻ، مست ٿي وڃڻ، حال طاري ٿيڻ. امام غزاليءَ لکيو آهي ته "وجد وجود کان ورتل آهي. يعني پنهنجي نفس ۾ اهڙا احوال موجود لهڻ جيڪي راڳ کان اڳ معلوم نه ٿيا".(49) راڳ جي سببان وجد جا خيال اهڙا ته جوش وارا پيدا ٿيندا آهن، جو سندس دل کي پنهنجي باهه سان پرپور ڪري، اونداهي مان ڪڍي اهڙو ته صاف ڪري ڇڏيندا آهن جيئن سون ۽ چاندي باهه مان صاف ٿي ويندا آهن. جنهن کانپوءِ مشاهدو ۽ مڪاشفو ٿيندو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته موزون سرن ۽ روحن ۾ مناسبت آهي. جنهن جي اثر کان شوق، خوشي، غم، ڪيڏڻ ۽ ڪڏڻ ۽ وجد واري ڇرپر روح ۾ پيدا ٿيندي آهي. امام غزالي لکي ٿو ته "وجد" سماع جو ثمر ۽ ميوو آهي، ان جو انجام علمن ۽ تشبيهن جي قسمن جا مشاهدا ۽ مڪاشفا آهن. مثال طور: شوق، خوف، ڏک، بيقراري، خوشي، افسوس، شرمندگي، الله جا جيڪي عاشق آهن ۽ ان جي ديدار جا مشتاق آهن، اهڙن ماڻهن لاءِ راڳ انهن جي شوق کي اڀاري ٿو ۽ سندن عشق محبت کي پختو ڪري ٿو. ان جو نالو صوفين وجد ۽ حال رکيو آهي.

شيخ ابو نصر سراج لکيو آهي ته: "جيڪو سماع حق جي تابع هوندو آهي، اهو حق کولي ڏيکاريندو آهي ۽ ان جو ثمر ۽ ڦل ڪشف هوندو آهي."(50)

اهو ڪشف ئي آهي، جيڪو صوفين وٽ حال ۽ وجد جي لفظن سان تعبير ٿيندو آهي. جنهن جي لاءِ مخدوم محمد معين فرمايو آهي ته "سماع حال جي شرط سان فقيهه به جائز قرار ڏين ٿا، اولياءَ به ان ئي شرط تي درست چون ٿا، حال کان سواءِ علماءِ حرام ٿا چون، جڏهن ته اولياءَ چون ٿا ته حرام کان به هڪ قدم وڌيڪ چوڻ گهرجي".(51)

## وجد، حال ۽ بي خوديءَ جي حالت ۾ وفاتن جا واقعا:

حضرت جنيد بغدادي جي محفل ۾ هڪ نوجوان جڏهن ڪو نڪتو ٻڌندو هو ته رڙ نڪري ويندي هيس، حضرت جنيد منع ڪيس ته اهڙي موقعي تي ضبط ڪندو هو ته سندس جسم مان وار وار مان پاڻي ٽمي نڪرندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن ڪنهن نڪتي ٻڌڻ تي رڙ ڪيائين، دل ڦاٽي پيس ۽ فوت ٿي ويو.

هڪ محل جي دريءَ مان ڪنهن جي سامهون سندس پانهيءَ شعر ٿي پڙهيو. هيٺ بيٺل نوجوان ان کي رڙ ڪري چيو: توکي الله جو ۽ تنهنجي آقا جو قسم ٻيهر شعر ٻڌاءِ. ڇوڪريءَ ٻيهر شعر ٻڌايو تہ ڇوڪري هڪ آهہ ڀري الحمد لِلہ چيائين ۽ سندس روح پرواز ڪري ويو. (52)

هي ۽ اهڙا ٻيا واقعا ابو نصر، علي هجويريءَ ۽ غزاليءَ پڻ نقل ڪيا آهن. اهڙو هڪ واقعو لطائف لطيفيءَ ۾ شاهہ عبد اللطيف جي حالات ۾ مير عبدالحسين سانگيءَ بہ لکيو آهي: "حضرت اولياءَ صاحب سنڌو درياءَ جي الهندي پاسي وارن جبلن جو سير ٿي ڪيو. جيئن تہ مخدوم نوح ساريءَ سان ملاقات جو ارادو هين، تنهن ڪري شهر ٺٽي جي راهہ ورتائون. هلندي هلندي هڪ جاءِ تان سندن ڪنن تي هڪ سوز ۽ گداز وارو آواز پيو. آواز پنيان هليا. جڏهن ويجهو پهتا تہ معلوم ٿين تہ هڪ شخص هڪ مصرع سندن تصنيف شريف مان پڙهي رهيو آهي. جيڪا هن طرح آهي: "هيڪليائي هيل پورينديس پنهوءَ ڏي" اتي اچي ڏٺائو تہ هڪ شخص غار ۾ ويٺو آهي ۽ ڪنهن ڪنهن مهل دردناڪ آواز ڏئي رهيو آهي. اولياءَ صاحب مٿس سلام ڪيو ۽ احوال ورتائينس. ٻڌايائين تہ: آءٌ اوٺي هيس. چند اٺن جي قطار تجارت جي سامان سان ڀري آندم ٿي. جڏهن هالا ڪنڊي جي ڀرسان پهتس، جنهن کي پٽ ٽا چون، ان کان اڳيان مون کي اهو آواز ڪن تي پيو. جنهن برهہ ۾ ٻاهہ ٻاري وڌي آهي. سامان پنهنجي ساٿين جي حوالي ڪيم. بي اختيار اتاهون پيچي نڪتس. ڪڏهن بہ ڪنهن هڪ جاءِ تي آرام نہ ٿو اچي. سرگردان پيو ٿو ڦران ۽ هيءَ مصرع منهنجي لاءِ وٿ آهي. جيڪا چئي رهيو آهيان. جڏهن ڪمزور ٿيس تہ هن غار ۾ لٿس. جنهن کان پوءِ ٻاهر پير نہ رکيو اٿم. رازق رزق ڏئي ٿو. ٿورڙي تي اڪتفا ڪري آسودگيءَ ۽ فارغ الباليءَ جي زندگي گذاري رهيو آهيان. زندگيءَ جي لذتن کان دل ڀڳل آهي. ۽ تعلقات ۽ توسلات ڇڏي ڏنا اٿم. لباس کان بي نياز آهيان. جنهن وقت پريشان ٿيندو آهيان. تہ پڙهندو آهيان ۽ تسڪين لهندو آهيان.

حضرت اولياءَ صاحب ساڻس ڪمال جون مهربانيون فرمايون. ڪيس چيائين: تون گهرين تہ انهيءَ مصرع کان وڌيڪ توکي ٻڌايان تہ بيت پورو ٿئي." عرض ڪيائين تہ: ان کان وڌيڪ جي خواهش نہ ٿو رکان." حضرت اولياء صاحب ٻي مصرع پڙهي. مصرع: آڏا ڏونگر لکيون، سوري سجڻ سيل

ان شخص چيو اي شاها! الله جي واسطي جلد بيت پورو ڪرا نہ تہ منهنجو نفس بي آرام ٿيندو ٿو وڃي ۽ منهنجي واڳ هٿن مان ٿي وڃي. ۽ مون کي ڪنيو ٿو وڃي. تنهنجي ٻانهن کي آفرين هجي، جو اهڙو تازيانو هنيو اٿئي، جو پاڻ مان ٿو ڪيين. حضرت جن ٽين مصرع زبان مان بيان ڪئي: تہ ڪر بيلياڻي ٻيل، سورپريان جا ساڻ مون.

ٽين مصرع ٻڌندي ئي ان شخص پنهنجي مٺي جان مٺي خيال تي محبت جي راهہ ۾ فدا ڪري ڇڏي ۽ وڃي اصل سان واصل ٿيو. حضرت جن اهو احوال فقيرن سان ڪيو. فرمايائون تہ

ڪمال سوز ۽ دل جو خيال ائين وڌائڻ گهرجي جيئن پورهيت شخص اهل دل جي صحبت بنا منزل تي پهچي ويو. دفن ڪفن ڪانپوءِ پاڻ شهر ٺٽي (مخدوم نوح ڏانهن) روانا ٿيا. جڏهن به اتان گذرندا هئا ته سندس قبر تي ايندا هئا ۽ سندس فقير به ويندا هئا". (53)

## سماع جي حالت ۾ وجد ۽ ڪيف ۾ مخدوم محمد معين جي وفات:

مير علي شير قانع ٺٽويءَ سماع جي حالت ۾ مخدوم محمد معين جي وفات جو تحفة الڪرام ۽ معيار سالڪان طريقت ۾ احوال ذڪر ڪيو آهي. تحفة الڪرام ۾ سندس بيان جا لفظ هن طرح آهن: "صاحب العصر جناب سيد عبداللطيف "تارڪ" (ڀٽائي) پنهنجي ڳوٺ (ڀٽ) تي خادمن کي چيو ته: "هلو ته پنهنجي يار جي آخري ديدار لاءِ هلون." اهو چئي پاڻ ٺٽي آيا. ۽ محفل موسيقي منعقد ڪيائون. مخدوم موصوف به ان صحبت ۾ شامل ٿيو. محفل جي اوج ۾ ذوق ۽ جذب جي حالت ۾ اٿي اندر ويو. ۽ بنا دير ساهه حق حوالي ڪيائين. مذڪوره سيد (شاهه ڀٽائيءَ) جنازي ۾ شموليت کان پوءِ ڳوٺ واپس ٿيندي چيو ته: سندن ئي وجه سان ٺٽي ۾ اچڻ ٿيندو هو. بس اڄ کان پوءِ اهو بند ٿيو." (54)

معيار سالڪان طريقت ۾ قانع جا لفظ هن طرح آهن: مخدوم موصوف جي آخري ڏينهن ۾ شاهه موصوف اچي راڳ جي محفل رچائي. راڳ ٻڌي مخدوم موصوف اهڙي حالت کي پهتو جو ساه صدقي ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه رهيس. مخدوم جي هيءَ ڪرامت هئي ته جنهن ڏينهن جنازو مڪليءَ ڪنيو ٿي ويا ته سيد به جنازي جي پويان هلي رهيو هو. شهر جي پاسي کان اتفاق اهو ٿيو جو سيد جنازي کان پوئتي رهجي ويو. جنازي پاڻ مٿي ڪنيو ۽ منهن ان طرف ڪيائين. جيستائين سيد کي ويجهو نه ڏٺائين، سڌو نه ٿيو... چون ٿا: شاهه عبداللطيف جنازي کان موٽندي زبان ڪرامت ترجمان سان فرمايو: اسان جو هيءُ پنهنجي يار کان الوداع لاءِ آخري اچڻ آهي." (55)

## نتيجو:

مخدوم محمد معين سماع کي اوليائن ۽ فقهاءَ جي شرطن تي جائز مڃيندو هو. سماع بابت موصوف شاهه عبداللطيف ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي مسلڪ جو پيروڪار هو. پاڻ لهو ۽ لعب طور سماع کي جائز نه سمجهندو هو. بلڪ الاهي عشق جو شوق وڌائڻ، حال، وجد ۽ ڪشف جهڙين ڪيفيتون ماڻڻ لاءِ راڳ ٻڌندو هو. صوفين وٽ به اهڙو سماع جيڪو الاهي عشق ۾ هجي، حال، وجد جي ڪيفيتن ماڻڻ ۽ سيرالي الله لاءِ هجي، سو جائز آهي. نفس جي خواهش تحت لهو ۽ لعب طور ٻڌي شيطان جي هٿ ۾ رانديڪو بڻجي وڃڻ کي صوفي زنديقيت ۽ ڪفر سڏن ٿا. جڏهن ته فقيهن وٽ خوشيءَ ۽ عيدن جي موقعن تي بشري لذت جي حصول لاءِ، پر ڪن فقيهن وٽ شرط آهي ته ساز نه هجي، ڪن مطابق ٻلي ساز هجن پر گناهه مقصد نه هجي ته راڳ ٻڌڻ جائز آهي.

## حوالا:


1. قانع، مير علي شير: مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1957ع ص: 123
2. دهلوي، شاه ولي الله: نادر مڪتوبات شاه ولي الله دهلوي، ترجمه و تحقيق مولانا نسيم احمد فريدي، اداره ثقات اسلامي، ڪلب روڊ لاهور ص: 416، 417، 418
3. رفع الغين في تنزل العلم الي العين، قلمي، مفيد عام لائبريري سيوهڻ.
4. قانع، مير علي شير تحفة الڪرام ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2002، ص: 693
5. قانع، مير علي شير، طومار سلاسل قلمي، راشدي ڪارنر، ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
6. خليل، مخدوم ابراهيم تڪمله مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1958ع، ص: 185.
7. ٺٽوي، محمد ابراهيم مخدوم: القسطاس المستقيم، قلمي، مدرسه مظهر العلوم، کڏو، ڪراچي ص: 30
8. ايضا، ص: 147.
9. ايضا،
10. ٺٽوي، عبداللطيف، مخدوم: ”ذب ذبابات الدراسات“ جلد: 1 ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع ص: 10
11. ٺٽوي، محمد معين مخدوم: رساله اويسيه، قلمي، قاسمه لائبريري ڪنڊيارو.
12. سانگي عبدالحسين، لطائف لطيفي صفحه؛ 100-101- 102 انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ضلع حيدرآباد 152.
13. لطائف لطيفي، حڪايت نمبر 15 صفحو 106- 107.
14. بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش مضمون: سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“ مخزن شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاه 2003ع.
15. محمد ابراهيم مخدوم القسطاس المستقيم صفحه 147 (قلمي) مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي.
16. جلباڻي، غلام حسين: عربي سنڌي لغت، ڇاپو: پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو،1988ع، ص:591
17. فيروز الدين، الحاج، مولوي:فيروز اللغات، فيروز سنز ڪراچي، ماده: س م، ص:808
18. جلباڻي، غلام حسين:عربي –سنڌ لغت ماده: سمع ڇاپو: پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو،1988ع، ص:591
19. رحماني، سيف الله، خالد:“قاموس الفقهه“ زمزم پبلشرز ڪراچي 2017ع، ص: 142
20. فيروز الدين، الحاج، مولوي:فيروز اللغات، فيروز سنز ڪراچي، ماده: م و، ص: 1315
21. بخاري، محمد بن اسماعيل: الجامع الصحيح، ڪتاب النڪاح، باب؛ ضرب الدف في النڪاح والوليمة
22. رحماني، سيف الله، خالد:“قاموس الفقهه“ زمزم پبلشرز ڪراچي 2017ع، ص: 443
23. بوبڪائي، محمد جعفر مخدوم ”المتانة في المرمة عن الخزانة“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،ص؛ 395-
24. بخاري، محمد بن اسماعيل: الجامع الصحيح،ڪتاب النڪاح، باب؛ ضرب الدف في النڪاح والوليمة
25. بوبڪائي، محمد جعفر مخدوم ”المتانة في المرمة عن الخزانة“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،ص: 395
26. ٺٽوي، عبداللطيف مخدوم: ذب ذبابات الدراسات، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1959ع، ص: 515.
27. ابو نصر سراج، ڪتاب اللمع في التصوف ص: 460
28. قشيري، ابوالقاسم، عبدالڪريم، الهوازن؛ الرسالة القشيرية، مڪتبه رحمانيه اردو بازار لاهور، ص؛ 503
29. ايضا، ص؛ 503
30. ابو نصر سراج، ڪتاب اللمع، ص؛ 460
31. قشيري ابوالقاسم، ص: 503
32. هجويري؛ علي بن عثمان: ڪشف المحجوب ص 616
33. ابو نصر، سراج: ڪتاب اللمع، ص: 460

34. ڦلواري، شاهه محمد جعفر: اسلام اور موسيقي. اداره ثقافت اسلاميه لاهور 2014ع ص: 35
35. ايضا، ص: 38
36. ايضا، ض: 52
37. هجويري، عثمان: ڪشف المحجوب، ص: 620
38. ايضا، ص: 622
39. ايضا، ص: 622
40. غزالي، ابو حامد، محمد: احياء علوم الدين،ص: 411
41. ٺٽوي،محمد معين، مخدوم: رساله اويسيه، قلمي، نيشنل ميوزم ڪراچي، ص: 16.
42. ابو نصر، سراج: ڪتاب اللمع، ص: 448
43. ايضا ص: 452
44. غزالي، ابو حامد، محمد: احياء علوم الدين،ص:410
45. ٺٽوي،محمد معين، مخدوم: رساله اويسيه، قلمي، نيشنل ميوزم ڪراچي، ص: 16.
46. قشيري، ابوالقاسم، عبدالڪريم، هوازن: رساله قشيريه، ملخص: 510 - 511
47. ابو نصر، سراج: ڪتاب اللمع ص: 477- 478
48. فيروز الدين، الحاج، مولوي:فيروز اللغات، فيروز سنز ڪراچي، ماده:و،ج، 1404
49. غزالي، ابو حامد، محمد: احياء علوم الدين،ص:410
50. ابو نصر، سراج: ڪتاب اللمع، ص: 630
51. ٺٽوي، محمد معين مخدوم: رساله اويسيه قلمي نيشنل ميوزير ڪراچي، ص: 16
52. ابو نصر، سراج: ڪتاب اللمع، ص:474
53. سانگي عبدالحسين: لطائف لطيفي، انجمن مرڪز ثقافت شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ضلع حيدرآباد: ص 100- 101-102
54. قانع، مير علي شير: تحفة الڪرام، اردو، ڇاپو ٻيو،سال: 2002 سنڌي ادبي بورڊ، ص: 475
55. قانع، مير علي شير: ”معيار سالڪان طريقت“ (قلمي) صفحه: 207 راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.